# خوفِ خُدا

## حاصِل ڪرڻ جا طريقا

**16-September-2021**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

16 سيپٽمبر 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# خوفِ خُدا حاصِل ڪرڻ جا طريقا

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...........

❖... حضرت بهاءُ الدِّين زَڪرِياملتاني رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جو تذڪرو

❖... حقيقي سَعَادت مند ڪير...؟

❖... خوفِ خُدا اِيمان جي تقاضا آهي

❖... مثالي مُعَاشَري جي لاءِ خوفِ خُدا پهريون شرط آهي

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِينَةُ الْعِلْمِيه(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو

ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ(دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

### (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا اسلامي ڀائرو! مسجد ۾ حاضر ٿيندي ئي اعتڪاف جي نيت به ڪري ونو! اِنْ شَآءَ الله! تمام گهڻو ثواب ملندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره جائز ناهي، جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت ڪندؤ ته هي شيون به ضمناً جائز ٿي وينديون. اهو به ياد رهي ته کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، جي لاءِ اعتڪاف جي نيت ڪرڻ درست ناهي، اعتڪاف جي نيت رضاءِ الٰهي جي لاءِ هجي، اگر مسجد ۾ کاڌو وغيره کائڻو هجي يا سمهڻ جو ارادو ٻڌجي ته الله پاڪ جي رضا جي لاءِ اعتڪاف جي نيت ڪيو، ڪجهه دير عبادت يا ذڪر ۽ درود ڪيو، هاڻي چاهيو ته کائي پيئي سگهو ٿا.**

## درودِ پاڪ جي فضيلت

**شاهِ مدينه، قرارِ قلب و سينه** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو، جيستائين منهنجو نالو ان ۾ رهندو، ملائڪ ان جي لاءِ بخشش جي دُعا گهرندا رهندا.**[1]

عجب کرم ہے کہ خود مجرموں کے حامی گناہگاروں کی بخشش کرانے آئے ہیں

[1]...معجم اَوْسط، جلد:1، صفحه:497، حديث:1835۔

وہ پرچہ جس میں لکھا تھا درود اس نے کبھی یہ اس سے نیکیاں اس کی بڑھانے آئے ہیں[1]

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَفْضَلُ الْعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيت اَفضَل تَرين عَمل آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! هر جائز ڪم کان پهريان سنيون نيتون ڪرڻ جي عادت بنائڻ گهرجي، ڇوته سٺي نيت انسان کي جنَّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي. بيان ٻڌڻ کان پهريان به سنيون سنيون نيتون ڪري ونو! مثال طور نيت ڪريو! ❖ الله پاڪ جي رضا ۽ علمِ دين سکڻ جي لاءِ بيان ٻڌندس. ❖ ٻڌي ڪري عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس❖ جيترو ياد رهيو، ٻين تائين پهچائڻ جي سعادت حاصل ڪندس،❖ باادب ويهندس. ❖ پياري آقا، مڪي مدني مصطفي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ نالو ٻڌي ڪري درود پڙهندس.

اچّھی اچّھی نیّتوں کا، ہو خدا جذبہ عطا　　بندۂ مخلص بنا، کر عفْو میری ہر خطا

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! 7 صَفَرُ المُظَفَّر تي عالَمِ اسلام جي عظيم شخصيت، شيخ الاِسلام حضرت بهاءُ الدّين زَڪرِيا ملتاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو عُرسِ پاڪ ٿيندو آهي ❖ حضرت بهاء الدين زڪريا ملتاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 27 رمضان المبارڪ، 566 هجري ۾ پنجاب پاڪستان جي شهر لَيه ۾ پيدا ٿيا ❖ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ابي ڏاڏي جي خاندان مان هڪ بزرگ آهن: حضرت قُصَي بِن ڪلاب رَضِيَ اللهُ عَنْه. حضرت بهاءُ الدّين زڪريا ملتاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان جي اولاد مان آهن ❖ حضرت بهاءُ الدّين زَڪرِيا ملتاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام وڏي رُتبي وارا عالِم، عابِد، زاهد، متقي، پرهيزگار، زَبردست مبلغ اسلام ۽ پيدائشي ڪامِل

---

1 ...سامانِ بخشش، صفحہ:93-94 ملتقطاً۔

2 ...جامع صغير، صفحہ:81، حديث:1284۔

ولي هئا.

مڪتبة المدينہ ”فيضانِ بهاءُ الدّين زَڪرِيا ملتاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه“ جي نالي سان سندن سيرت تي هڪ رسالو بہ ڇاپيو آهي، اچو! حضرت بهاءُ الدّين زَڪرِيا ملتاني

رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هڪ واقعو ٻڌون ٿا:

## الله پاڪ جي خفيہ تدبير جو خوف

هڪ دفعي جو ذِڪر آهي: حضرت بهاءُ الدّين زَڪرِيا ملتاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تي **خوفِ خُدا** جو ايترو غلبو ٿيو جو پاڻ حُجري شريف ۾ داخِل ٿيا، دروازو بند ڪيائون ۽ سجدي ۾ ڪري توبہ ۽ استغفار ڪرڻ لڳا، اکين مان لڙڪ جاري هئا، خوفِ خُدا سبب سينو اُبري رهيو هو، ايترا رُنا جو مُصَلّو لڙڪن سبب آلو ٿي ويو، سندن صاحبزادا ۽ مريد اوچتو هن حالت سبب سخت پريشان ٿيا، حضرت بهاءُالدين زَڪرِيا ملتاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي تڙپي تڙپي روئڻ جو آواز سيني جو سينو چيري رهيو هو، دِليون ڏڪي رهيون هيون، صاحبزادا ۽ مُرِيد هر هر حُجري شريف جو در ڪڙڪائي رهيا هئا، التجائون ڪري رهيا هئا: عالي جاهُ! دروازو کوليو! پرشيخ الاسلام حضرت بهاء الدين زَڪرِيا ملتاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خوفِ خُدا ۾ غرق، سيني کان بي نياز ٿي دانهون ڪري روئي رهيا هئا، نيٺ سندن پوٽي شاهہ رُڪنِ عالم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي گهرايو ويو، حضرت بهاء الدين زڪريا ملتاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي پوٽي سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا، شاهہ رُڪنِ عالم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه دروازي کي ڪڙڪايو ۽ 2، 3 ڀيرا زور سان آواز ڏنائون: ڏاڏا سائين! دروازو کوليو...!! هاڻي حضرت شيخ الاسلام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اُٿي دروازو کوليو، شاهہ رُڪنِ عالم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي اندر اچڻ جي اجازت ملي.

شاهہ رُڪنِ عالم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اندر پهتا ۽ اهو ڏسي حيران ٿي ويا تہ رَوئي رَوئي حضرت شيخ الاسلام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون اکيون سُڄي ويون آهن، پاڻ ايترا رُنا جو لڙڪ ختم ٿي ويا ۽ هاڻي سندن مبارڪ اکين مان رت جا ڦڙا ڪري رهيا هئا.

اهو دِل ڏڪائيندڙ منظر ڏسي شاهه رُڪنِ عالم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه عرض ڪيو: ڏاڏا سائين! ايترو روئڻ جو سبب ڇا آهي؟ حضرت شيخ الاسلام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جن جيڪو فرمايو، ان کي دِل جي ڪنن سان ٻڌو! ارشاد فرمايائون: پٽ! مون عالَمِ مُڪاشَفه ۾ ڏٺو ته هڪ شخص آهي، ان جو نالو به "بهاءُالدين" آهي، زُهد ۽ تقويٰ ۾ صاحبِ ڪمال آهي، عِلم ۽ عمل ۾ پنهنجي وقت جو سردار آهي، ان جو انتقال ٿيو، وڏي عرصي جي عِبَادت، تقويٰ ۽ پرهيز گاري ان جي ڪجهه ڪم نه آئي، ان جا سمورا عمل ان جي منهن تي هنيا ويا ۽ ايمان ڪسجي ويو، ان شخص جو اهو حال ڏسي مون تي خوف طاري ٿي ويو ته هڪ هُو بهاءُالدين هو، جنهن جي عبادت ۽ اطاعت ان جي ڪنهن ڪم نه آئي ۽ ان جو ايمان ڪسيو ويو ۽ هڪ مان آهيان، خُدا ڄاڻي مون سان ڪهڙو مُعَاملو ٿيندو.

ڪاش! کہ نہ دُنیا میں پیدا میں ہوا ہوتا — قبر و حَشر کا سب غم ختم ہو گیا ہوتا
دو جہاں کی فکروں سے یُوں نجات مل جاتی — میں مدینے کا سچ مُچ کتّا بن گیا ہوتا
آہ! سلبِ ایماں کا خوف کھائے جاتا ہے — کاش! مری ماں نے ہی نہیں جنا ہوتا[1]

حضرت بهاءُالدين زَڪريا ملتاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه خوفِ خدا ۾ تڙپندي وڏيڪ فرمايائون: پٽ: روزِ ميثاق (يعني:) عالَمِ اَرواح ۾ جڏهن الله پاڪ سڀني رُوحن کي گڏ ڪري ارشاد فرمايو: اَلَسۡتُ بِرَبِّكُم ڇا مان توهان جو رب نه آهيان؟ رُوحن اقرار ڪندي چيو: بَلٰی مولیٰ! ڇو نه، تُون ئي اسان جو رَب آهين. هاڻي سمورن رُوحن کي حڪم ٿيو: مان توهان جو رَبّ آهيان، مون کي سجدو ڪيو. ان حڪم تي ڪيئي رُوح سجدي ۾ ڪري پيا ۽ ڪيئي بيٺل رهيا، الله پاڪ ٻيهر سجدي جو حڪم ڏنو، هن ڀيري وڌيڪ روح سجدو ڪرڻ وارن سان ملي ويا ۽ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ سجدو ڪيائون، اهي ٻئي گروهه مُخلِص چئبا، جن پهرين حڪم تي سجدو ڪيو اهي مَسعُود (يعني سَعَادت مند ٿيا) ۽ جن ٻي حڪم تي

1...وسائل بخشش، صفحہ:158تا160۔

سجدو ڪيو اهي مَحمُود (يعني ساراهہ لائق) ٿيا پر جن الله پاڪ جو حڪم نہ مڃيو، ٻئي دفعا سجدو نہ ڪيائون اهي دُنيا ۽ آخرت ۾ نقصان ۾ رهيا. ايترو فرمائڻ کان پوءِ شيخ الاسلام حضرت بهاء الدين زڪريا رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه فڪرمندي ٿي چيو: پٽ! مون کي خبر ناهي تہ مان ڪهڙي گروهہ ۾ هئس، هاءِ! جيڪڏهن منهنجو بہ شُمار نقصان ڪٽڻ وارن مان ٿيو تہ منهنجو ڇا ٿيندو..؟

آج بنتا ہوں معزز جو کُھلے حشر میں عیب　　آہ! رُسوائی کی آفت میں پھنسوں گا یارَبّ!
گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہو گی　　ہائے میں نارِ جہنّم میں جلوں گا یارَبّ!
دَردِ سَر ہو یا بُخار آئے تَڑپ جاتا ہوں　　میں جہنّم کی سزا کیسے سہوں گا یارَبّ!
عَفْو کر اور سدا کے لئے راضی ہو جا　　گر کرم کردے تَو جنّت میں رہوں گا یارَبّ! (1)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** حضرت بهاء الدين زَڪرِيا ملتاني رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه ڪامِل ولي هئا ۽ سندن پوٽا حضرت شاهہ رُڪنِ عالم بہ پيدائشي طَور تي وِلايت واري درجي تي فائِز هئا، الله پاڪ کين **قُطبِيتِ عُظمٰي** جو درجو عطا ڪيو هو، جڏهن پاڻ رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي ڏاڏا سائين حضرت بهاءُ الدين زڪريا ملتاني رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه جي خوفِ خُدا وارا جملا ٻڌا تہ اَدب سان عَرض ڪيائون: ڏاڏا محترم! اوهان تسلي رکو! اوهان جو رُوح مبارڪ مُخلِصن مان آهي، اوهان ان گروه مان آهيو جن الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ سجدو ڪيو هو، پيدائشي ولي، حضرت شاهہ رُڪنِ عالَم رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي ڏاڏي سائين جي تسلي جي لاءِ وڌيڪ ڪجهہ ڳالهيون بہ ڪيون، جن کي ٻڌي حضرت بهاءُ الدين زڪريا ملتاني رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه کي ٿوري تسلي ٿي ۽ پاڻ عاجزي ۽ انڪساري سان الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ شڪر جو سجدو ادا ڪيو، پوءِ ٻاهر تشريف فرما ٿي مُرِيدن کي شَربتِ ديدار سان مشرف فرمايو. (فيضان بہاء الدين زکريا ملتانی، صفحہ:44-45بتغير قليل)

صَلُّوا عَلَی الحَبِيب!　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

1...وسائِلِ بخشش، صفحہ:85۔

## خوفِ خُدا ملڻ سَعَادت آهي

**پيارا اسلامي ڀائرو!** غور ڪيو! حضرت بهاءُالدّين زَڪرِيا ملتاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پيدائشي الله جا ڪامِل ولي هئا، گُنَاهن ڪان بچڻ وارا ۽ ڏينهن راتيون نيڪين ۾ گهاريندڙ هئا، ان جي باوُجُود بہ سندن جو **خوفِ خُدا** جو عالم ڪهڙو آهي...! ڪاش! الله پاڪ اسان کي بہ **خوفِ خُدا** جون اهڙيون ڪيفيتون نصيب فرمائي.

حقيقت اها ئي آهي تہ الله پاڪ جي خُفيہ تَدبِير ڪان، الله پاڪ جي ناراضي ڪان، الله پاڪ جي قهر ۽ غضب ڪان اهو ئي ڊڄي ٿو جيڪو سعادت مند آهي. تفسير رُوحُ المعاني ۾ آهي: جڏهن اِبليس لعين (شيطان) مَردُود ٿيو يعني حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي سجدوه نہ ڪرڻ جي جُرم ۾ ان کي بارگاهِ اِلٰهي مان ڌڪاريو ويو تہ اهو ڏسي حضرت سَيدُنا جبريلِ اَمين ۽ حضرت سَيدُنا ميڪائيل عَلَيۡهِمَا السَّلَام روئڻ لڳا، الله پاڪ ڪانئن پڇا ڪئي: توهان ٻنهي کي ڪهڙي شيءِ روئاريو آهي؟ انهن عرض ڪيو، يارَبّ! اسان تنهنجي خفيہ تدبير ڪان بي خوف نہ آهيون. تہ ارشاد ٿيو: ائين ئي رهجو (۽) منهنجي خفيہ تدبير ڪان بي خوف نہ ٿجو.[1]

ترے خوف سے، تیرے ڈر سے ہمیشہ  میں تھر تھر رہوں کانپتا یااِلٰہی!
مرے اَشک بہتے رہیں کاش ہر دَم  ترے خوف سے یاخُدا یااِلٰہی!

## ايمان جي سلامتي جي ڪنهن وٽ گارنٽي ناهي

**پيارا اسلامي ڀائرو!** الله رَحمٰن جو ڪروڙين ڪروڙ احسان آهي جو ان اسان کي انسان بڻايو ۽ مسلمان ڪيو، پنهنجي پياري حبيب، دِلين جي طبيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو دامَنِ ڪرم اسان جي هٿن ۾ ڏنو، ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ اسان مسلمان آهيون پر اسان مان ڪنهن وٽ هن ڳالهہ جي ڪا ضمانت ناهي تہ هُو مرڻ گهڙي تائين مسلمان ئي رهندو، جهڙي طرح بي شُمار ڪافر خوش

[1]...تفسیر رُوح المعانی، پارہ:19، سورۂ نمل، زیرِ آیت:10، جز:19، صفحہ:217۔

قسمتي سان مسلمان تي ويندا آهن، اهڙي طرح ڪجهه بدنصيب مسلمانن جو مَعَاذَ الله! اِيمان کي ڦري وڃڻ بہ ثابِت آهي. افسوس! جيڪو اِيمان کان ڦري يعني ڪافِر ۽ مُرتَد ٿي مرندو، اِهو هميشہ هميشہ جي لاءِ دوزَخ ۾ رهندو. سيپاري: 2، سوره بقره، آيت:217 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَ مَنْ يَّرْتَدِدْ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ فَيَمُتْ وَ هُوَ كَافِرٌ فَاُولٰٓىِٕكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ ۚ وَ اُولٰٓىِٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۲۱۷﴾

ترجموڪنزلايمان: ۽ اوهان مان جيڪو پنهنجي دين کان ڦرندو پوءِ ڪافر ٿي مرندو تہ انهن ماڻهن جي ڪمائي دنيا ۽ آخرت ۾ چٽ ٿي وئي ۽ اهي ئي دوزخي آهن کين انهيءَ ۾ هميشہ رهڻو آهي.

هڪ ڊگهي حديثِ پاڪ ۾ الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اَولادِ آدم مختلف طبقن تي پيدا ڪيو ويو، انهن مان بعض مؤمن پيدا ٿيا، حالتِ ايمان تي زِندهہ رهيا ۽ مؤمن ئي مرندا. بعض ڪافِر پيدا ٿيا، حالتِ ڪفر تي زِندهہ رهيا ۽ ڪافِر ئي مرندا. جڏهن تہ ڪي اهي آهن جيڪي مؤمن پيدا ٿيا، مؤمنن واري زندگي گذاري پر ڪافِر ٿي مرندا، بعض ڪافِر پيدا ٿيا، ڪافِر زندهہ رهيا ۽ مؤمن ٿي دُنيا مان ويندا.[1]

ایماں پہ رَبِّ رحمت دے دے تُو استقامت دیتا ہوں واسطہ میں تجھ کو ترے نبی کا[2]

## خُفيہ تدبير کان بي خوفي سخت نقصان ڏيندڙ آهي

اي عاشقانِ رسول! اسان کي هر وقت الله پاڪ جي خُفيہ تَدبِير کان ڊڄڻ

---

[1]...ترمذی، کتابُ الفِتَن، صفحہ:528، حدیث:2191۔

2...وسائلِ بخشش، صفحہ:178۔

ڪپي، ڇوتہ الله پاڪ جي خُفيہ تَدبِير ڪان بي خوف ٿيڻ سخت نقصان ڏيندڙ آهي، قرآنِ ڪريم ۾ آهي:

فَلَا يَاْمَنُ مَكْرَ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۹۹﴾ (پاره:9، سورۂ اعراف، آيت:99)

ترجموڪنزالايمان: الله جي مخفي تدبير ڪان بي خوف نہ ٿيندا آهن مگر تباهي وارا.

عالم سڳورا فرمائن ٿا: الله پاڪ جي خُفيہ تدبير ڪان بلڪل بي خوف ٿيڻ گُنَاهِ ڪبيره آهي.[1]

## حضرت سفيان ثَوري رَحۡمَۃُاللہِ عَلَیۡہ جو خوفِ خُدا

حضرت سُفيان ثَوري رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ تمام وڏي رتبي وارا عالِمِ دِين، عظيم مُحدّث ۽ ڪامِل ولي هئا، پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي باري ۾ منقول آهي تہ سندن چيلهہ جواني ئي ۾ ڇِڀي ٿي وئي هئي. ماڻهن ڪيئي ڀيرا ان جو سبب ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي پر حضرت سفيان ثوري رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ ڪو جواب نہ ڏنو. هڪ ڀيري هڪ شاگرد مسلسل اِصرار ڪري ڪائنس ان جو سبب پڇيو تہ فرمايائون: منهنجو هڪ استاد هو، ان جو شُمار وڏن عالمن ۾ ٿيندو هو، مون ان ڪان ڪيئي عُلوم سکيا هئا، جڏهن ان جي وفات جو وقت ويجهو آيو تہ مون کي چوڻ لڳو: اي سفيان! ڇا توهان کي خبر آهي تہ مون سان ڪهڙو معامَلو پيش آيو؟ مان 50 سالن تائين مخلوقِ خُدا کي الله پاڪ جي اطاعت ڪرڻ ۽ گُنَاهن ڪان بچڻ جي تلقين ڪندو رهيس پر افسوس! اڄ جڏهن منهنجي زندگي جو ڏيئو وسامڻ وارو آهي تہ الله پاڪ مون کي پنهنجي بارگاهہ مان اهو چئي ڪڍي ڇڏيو تہ تون منهنجي بارگاهہ ۾ اچڻ جي اهليت نٿو رکين.

پنهنجي استاد جي اها ڳالهہ ٻڌي عِبرت جي ڪري منهنجي چيلهہ ٽُٽي پئي، جنهن جي ٽُٽڻ جو آواز اتي موجود ماڻهن پڻ ٻڌو. مان الله پاڪ جي خوف وچان ڳوڙها ڳاريندو رهيس ۽ شديد بيمار ٿي پيس. (خوفِ خُدا، صفحہ:80)

[1] …جہنم میں لے جانے والے اعمال، جلد:1، صفحہ:291۔

فکرِ مَعَاش بَدبَلا، ہَوْلِ مَعَاد جاں گَزا لاکھوں بَلا میں پھنسنے کو رُوح بدن میں آئی کیوں؟

وضاحت: يعني زِندگي جا اسباب مثال طور ڪائڻ پيئڻ وغيره جو فِڪر! قبر جي تنگي ۽ قيامت جي هولناڪين جو خوف! اهڙين ڪوڙ سارين مصيبتن ۾ ڦاسڻ جي لاءِ رُوح بدن ۾ آيو ئي ڇو...؟

## حقيقي سَعَادت مند ڪير...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! دُنيا ۾ مؤمن تي زندگي گذارڻ يقيناً سَعَادت جي ڳالهه آهي پر اها سَعَادت حقيقت ۾ انهيءَ صُورت ۾ سَعَادت آهي جو دُنيا مان موڪلائڻ مهل ايمان سلامت رهي. خُدا جو قسم! لائقِ رشڪ اهو ئي آهي جيڪو قبر جي اندر بہ مؤمن آهي. جي ها! جيڪو دُنيا مان ايمان سلامت ڪٽي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو اهو ئي حقيقي معنيٰ ۾ ڪامياب آهي ۽ جيڪو جنّت کي ماڻي ويو اهو ئي بامراد آهي. سيپاري: 4، سوره آلِ عمران، آيت:185 ۾ ارشاد آهي:

فَمَنْ زُحْزِحَ عَنِ النَّارِ وَ اُدْخِلَ الْجَنَّةَ فَقَدْ فَازَ ؕ

ترجموڪنزالايمان: جيڪو باهہ کان بچائي بهشت ۾ داخل ڪيو ويو سُو مراد کي پهتو

میرا نازُک بدن جہنَّم سے از طفیلِ رضا بچا یارَبّ!
کر دے جنّت میں تُو جَوار اُن کا عطا اپنے عطّارؔ کو عطا یارَبّ! (1)

بَس! الله پاڪ اسان جي حال تي ڪرم فرمائي، سڪرات جي وقت خبر ناهي اسان جو ڇا ٿيندو؟ افسوس! اسان گهڻا گُناهہ ڪيا آهن، نيڪيون ذري برابر بہ ناهن، اسان دُعا گهرون ٿا: اي الله پاڪ! سڪرات جي وقت اسان وٽ شيطان نہ اچي، بلڪ اسان جا آقا، رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪرم فرمائن، پنهنجو جلوو

1...وسائلِ بخشش، صفحہ: 80-81.

ڏيڪارين، ڪاش! مديني پاڪ ۾، گنبدِ خضراء جي ڇانوَ ۾، سنهري ڄارين جي سامهون جلوهءِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۾ اِيمان تي موت نصيب ٿئي.

نَزع کے وقت مجھے جلوۂ محبوب دکھا تیرا کیا جائے گا میں شاد مروں گا یاربّ[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي بي نيازي ۽ ان جي خُفيہ تدبير کان هر مسلمان کي ڏڪندو رهڻ گهرجي، خبر ناهي ڪهڙو گُناهہ الله پاڪ جي قهر ۽ غضب جو سبب ٿي وڃي ۽ ايمان جي لاءِ خطرو پيدا ٿي وڃي. بَس هر وقت پنهنجي پياري الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عاجزي جو مُظاهرو ڪرڻ گهرجي. عالم سڳورا فرمائن ٿا: جنهن کي زِندگي ۾ سلبِ ايمان (يعني ايمان کسجي وڃڻ) جو خوف نہ هجي، سڪرات جي وقت ان جو ايمان کسجڻ جو انديشو آهي.[2]

زندگی اور موت کی ہے یااِلٰہی کشمکش جاں چلے تیری رِضا پر بے کس و مجبور کی

## امام جعفر صادِق رَضِيَ اللهُ عَنْه جو خوفِ خُدا

شيخِ طريقت، امير اهلسنت، حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي ڪتاب "نيڪي جي دعوت" صفحي: 585 تي هڪ ايمان افروز حڪايت نقل ڪن ٿا، ان جو خُلاصو ڪجهہ هيئن آهي: حضرت امام جعفر صادِق رَضِيَ اللهُ عَنْه تمام وڏي رُتبي واري هستي آهن، سندن عمر مبارڪ جڏهن 4 سالن جي هئي، ان وقت سندن خوفِ خُدا جو عالَم اهو جو هڪ ڏينهن زارو قطار روئي رهيا ها، ڪنهن شخص آلِ رسول جي خدمت جي جذبي سبب عرض ڪيو: شهزادا! ڇا ڳالهہ آهي؟ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجي تہ حڪم فرمايو، هينئرئي حاضر ڪيان ٿو، اهو ٻڌي حضرت امام جعفر صادِق رَضِيَ اللهُ عَنْه جي روئڻ جو آواز ويتر وڌي ويو ۽ چيائين: چاچا! الله پاڪ جي غضب ۽ جهنم جي عذاب جي خوف سان دل ٻڏي رهي آهي! ان صاحب شفقت

---

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:۔

2...ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، صفحہ:495۔

سان عرض ڪيو: شهزادا! اوهان ته تمام ننڍا آهيو هينئر کان ايترو خوف ڇاجو؟ اطمينان رکو! ٻارن کي عذاب ناهي ڏنو ويندو، هي ٻڌي امام جعفر صادق رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو خوف ويتر وڌي ويو ۽ روئندي چيائين: چاچا سائين! مون ڏٺو آهي ته وڏين ڪاٺين کي ساڙڻ جي لاءِ ان جي چوڌاري ڇوڏا ڪتيون وغيره لڳايون وينديون آهن، باهه ڇوڏن کي جلد لڳندي آهي ۽ انهن جي ڪري پوءِ وڏيون ڪاٺيون به سڙڻ لڳنديون آهن! مان ڊڄان ٿو ته ابوجهل ۽ ابولهب جهڙن ڪافرن کي جهنم ۾ ساڙڻ جي لاءِ ڇوڏن جي جڳهه تي ڪٿي مون کي نه ساڙيو وڃي!

## خوفِ خُدا سبب روئڻ جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! امام جعفر صادِق رَضِیَ اللہُ عَنْہ ننڍپڻ شريف ۾ ئي ڪيتري قدر **خوفِ خُدا** رکندڙ هئا. الله پاڪ اسان کي به **خوفِ خُدا** جي نعمت عطا فرمائي، يقيناً خوفِ خُدا ۽ عِشقِ مصطفيٰ ۾ روئڻ عظيم الشّان نيڪي آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنهن مؤمن جي اکين مان الله پاڪ جي خوف سبب لڙڪ نڪرندا آهن جيتوڻيڪ مک جي مٿي برابر هجن پوءِ اهي لڙڪ ان جي چهري جي ظاهري حصي تائين پهچن ته الله پاڪ ان کي جهنم تي حرام ڪري ڇڏيندو آهي.[1]

جی چاہتا ہے پھوٹ کے روؤں ترے ڈر سے الله مگر دِل سے قَساوت نہیں جاتی

## حضرت ابراهيم و حضرت يحيٰ عَلَيهِمَا السَّلَام جو خوفِ خُدا

اِحياءُ العُلُوم ۾ آهي: الله پاڪ جا خليل حضرت ابراهيم عَلَيْہِ السَّلَام جڏهن نماز جي لاءِ بيهندا هئا ته خوفِ خدا جي سبب ايترو ته روئندا هئا جو هڪ ميل (تقريباً ڏيڍ ڪلو ميٽر) جي فاصلي تي سندن جي سيني ۾ ٿيندڙ گُڙگُڙاهٽ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو. (احياءُ العلوم مترجم، جلد:4، صفحه:533)

---

[1] ...شُعَبُ الْاِيْمان، جلد:1، صفحه:490، حديث:802۔

الله پاڪ جا نبي حضرت يحيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تمام گهڻو **خوفِ خُدا** رکندڙ هئا، جڏهن پاڻ نماز جي لاءِ بيهندا هئا ته ايترو روئيندا هئا جو وڻ ۽ مٽي جا پتر به گڏ روئڻ لڳندا هئا، حضرت يحيٰ عَلَيْهِ السَّلَام **خوفِ خُدا** سبب لاڳيتو روئيندا رهندا هئا، ايستائين جو مسلسل نڪرندڙ لڙڪن سبب سندن رُخسارن تي زخم پئجي ويا هئا.(1)

الله پاڪ اسان کي به **خوفِ خُدا** سبب روئڻ نصيب فرمائي. الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: **خوفِ خُدا** سبب روئڻ وارو هرگز جهنم ۾ داخل نه ٿيندو ايستائين جو کير ٿڻن ۾ واپس موٽي اچي.(2)

مُفَسّرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: مطلب اهو آهي ته جيئن ڏُڌل کير جو ٿڻن ۾ واپس ٿيڻ ناممڪن آهي ائين ئي خوفِ خدا رکندڙ شخص جو دوزخ ۾ وڃڻ ناممڪن آهي.(3)

لائِق نار ہیں مرے اعمال التجا یاخُدا کرم کی ہے

## خوفِ خُدا "ايمان" جي تقاضا آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جو خوف تمام وڏي نعمت آهي، **خوفِ خُدا** ۾ روئڻ نبي سڳورن جي سُنّت آهي، **خوفِ خُدا** ۾ روئڻ نيڪ ماڻهن جي نشاني آهي بلڪ جيڪڏهن اسان غور ڪيون ته **خوفِ خُدا** اسان جي ايمان جي تقاضا آهي، ڏسو! اسان الله پاڪ تي ان جي تمام صفتن سان ايمان رکون ٿا: اٰمَنْتُ بِاللهِ بِجَمِيْعِ صِفَاتِهٖ (مان الله پاڪ تي ان جي تمام صِفَتن سان ايمان آندو). **الله پاڪ جي صِفتن** ۾ هڪ صِفّت اَلصَّمَد به آهي يعني الله پاڪ بي نياز آهي، الله پاڪ ڪنهن جو محتاج نه

---

1 ...نیکی کی دعوت، صفحہ:274۔

2 ...ترمذی، کتاب: فضائلِ جہاد، صفحہ:415، حدیث:1633۔

3 ...مرآۃُ المناجیح، جلد:5، صفحہ:436۔

آهي، جڏهن اسان الله پاڪ جي هن صِفَّت تي ايمان آڻيون ٿا تہ ان جي تقاضا آهي تہ اسان ان جي بي نيازي ڪان ڊڄون، فرض ڪيو اسان وٽ نيڪيون آهن، سڄي سڄي رات سجدا ڪيون ٿا، سڄو ڏينهن روزا رکون ٿا، سڄي زندگي هڪ بہ گُناهہ نٿا ڪيون، تڏهن بہ جيتريون نعمتون الله پاڪ اسان کي عطا ڪيون آهن، انهن مان هڪ نعمت جو بہ پُورو پُورو حق ڪڏهن ادا ٿيو؟ الله پاڪ بي نياز آهي، جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن اسان جي تمام نيڪين کي هڪ پلڙي ۾ رکي الله پاڪ جي صِرف هڪ نعمت کي ٻي پلڙي ۾ رکيو ويو تہ سڄي زِندگي جون نيڪيون اُن هڪ نعمت جو بدلو نہ ٿي سگهنديون ۽ يقينن بدلو ٿي بہ نہ سگهنديون، ٿورو سوچيو! جيڪڏهن ايئن حِسَاب ورتو ويو تہ اسان جو ڇا ٿيندو؟

معلوم ٿيو: جڏهن اسان الله پاڪ کي بي نياز مڃون ٿا تہ اهو مڃڻ هن ڳالهہ جي تقاضا ڪري ٿو تہ اسان الله پاڪ جي بي نيازي ڪان ڊڄون.

اهڙي طرح الله پاڪ جي هڪ صِفَّت قَهار بہ آهي يعني الله پاڪ غضب فرمائڻ وارو آهي، الله پاڪ قهر فرمائڻ وارو آهي، الله پاڪ جي صِفَّتِ قَهار تي ايمان جي تقاضا بہ اهائي آهي تہ اسان الله پاڪ ڪان ڊڄون، الله پاڪ جي قهر ڪان، الله پاڪ جي غضب ڪان، الله پاڪ جي ناراضِگي ڪان خوف ڪيون. الله پاڪ جي اُن صفتن تي جيترو ايمان ڪمزور ٿيندو ويندو، **خوفِ خُدا** ۾ بہ ڪمي ايندي ويندي ۽ جيترو ايمان مضبوط ٿيندو ويندو، اوترو **خوفِ خُدا** ۾ اضافو ٿيندو ويندو. خبر پئي الله پاڪ جي خفيہ تدبير جو خوف، الله پاڪ جي ناراضگي جو خوف، الله پاڪ جي قهر ۽ غضب جو خوف، هي اسان جي ايمان جي تقاضا آهي.

## خَوفِ خُدا جو قرآني حڪم

سيپاري: 4، سوره آلِ عمران، آيت:102 ۾ ارشاد آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ حَقَّ تُقٰتِهٖ. (پاره:4، سورهٔ آلِ عمران، آيت:102)

ترجموڪنزالايمان:اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو جيئن ان کان ڊڄڻ جو حق آهي.

ڪيترو واضِح فرمان آهي. اي ايمان وارؤ! الله پاڪ کان ڊڄو...! جهڙو ان کان ڊڄڻ جو حق آهي. اها خاص ڌيان ۾ رکڻ جي ڳالهه آهي: حَقَّ تُقٰتِهٖ. يعني الله پاڪ کان ايئن ڊڄڻ جيئن ان کان ڊڄڻ جو حق آهي. ايئن تہ ڪو مسلمان بہ نہ چوندو تہ مان الله پاڪ کان نٿو ڊڄان پر الله پاڪ کان ڊڄڻ جا جيڪي درجا آهن، الله پاڪ کان ڊڄڻ جون جيڪي نشانيون آهن مثال طور ٻانهو گُناهن کان بچي، ٻانهو الله پاڪ جي نافرماني کان بچي، نيڪين سان دِل لڳائي، عِبَادت جي ڪثرت ڪري، اسلام جي تعليمات تي واقعي، صحيح معنيٰ ۾ عَمَل ڪري، اهي تمام **خوفِ خُدا** جون نشانيون آهن، اهي جيڪر ڪنهن ٻانهي ۾ پاتيون وڃن تہ هو چورائيندو: حَقَّ تُقٰتِهٖ. يعني الله پاڪ کان ائين ڊڄڻ جيئن ان کان ڊڄڻ جو حق آهي.

## ”حَقَّ تُقٰتِهٖ“ جون 3 مثال

**حضرت داؤد** عَلَيْهِ السَّلَام **الله پاڪ جا نبي آهن، هڪ ڀيري پاڻ** عَلَيْهِ السَّلَام **تي خوفِ خُدا** جو ايترو غلبو ٿيو جو 40 ڏينهن تائين سجدي جي حالت ۾ روئيندا رهيا، ايستائين جو سندن لڙڪن جي پاڻي سان زمين تي ساوڪ ڦُٽي پئي.[1] اهو آهي: حَقَّ تُقٰتِهٖ يعني الله پاڪ کان ائين ڊڄڻ جيئن ان کان ڊڄڻ جو حق آهي.

**حضرت ابراهيم** عَلَيْهِ السَّلَام **الله پاڪ جا خليل آهن، پاڻ خوفِ خُدا** سبب ايترو روئيندا هئا، جو روايتن ۾ اچي ٿو: **خوفِ خُدا** سان روئڻ مهل حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي سيني جي گڙگڙاهٽ هڪ ميل جي فاصلي کان ٻڌڻ ۾ ايندي هئي. **امام غزالي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **نقل فرمائن ٿا: جڏهن حضرت ابراهيم** عَلَيْهِ السَّلَام **خوفِ خُدا**

---

[1]...احياء العلوم مترجم، جلد:4، صفحہ:533۔

سبب روئيندا هئا تہ اللہ پاڪ حضرت جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام کي موڪليندو هو، حضرت جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪندا هئا: اي ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام! اللہ پاڪ فرمائي ٿو: ڇا ڪڏهن اهڙو دوست ڏٺو آهي جيڪو پنهنجي دوست کي عذاب ڏيندو هجي؟ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام اهو ٻُڌي فرمائيندا هئا: اي جبريل! جڏهن مان پاڻ ڏانهن نِگاهه ڪيان ٿو تہ اهو وساري ويهندو آهيان تہ مان اللہ پاڪ جو خليل آهيان.[1]

اهو آهي:حَقَّ تُقٰتِهٖ.يعني اللہ پاڪ کان ائين ڊڄڻ جيئن ان کان ڊڄڻ جو حق آهي.

حضرت اَبُو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه اسلام جا پهريان خليفہ آهن، اَمِيرُالمَؤمِنِين آهن، انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام کان بعد تمام انسانن ۾ سڀ کان اَفضَل آهن، هڪ ڀيري پاڻ رات جي وقت قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪري رهيا هئا، هيءَ آيت سڳوري پڙهيائون:

اِنَّ اللّٰهَ اشْتَرٰى مِنَ الْمُؤْمِنِیْنَ اَنْفُسَهُمْ وَ اَمْوَالَهُمْ بِاَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَؕ

(پاره:11، سورهٔ توبه، آيت:111)

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ اللہ مسلمانن کان سندن مال ۽ جان خريد ڪري ورتا آهن هن بدلي تي تہ انهن جي واسطي جنت آهي.

هن آيت کي پڙهي حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه روئڻ لڳا، روئيندا رهيا، روئيندا رهيا، ايستائين جو صبح ٿي ويو، ان وقت بہ اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هئا، ڪنهن پڇا ڪئي: عاليجاهہ! اوهان ايترو ڇو رُنا؟ فرمايائون: اللہ پاڪ جنّت کي اسان جي جان ۽ مال جي قيمت فرمايو آهي، هاڻي مُعَاملو اهو آهي جو ڪنهن بہ شيءِ جي قيمت ان وقت ملندي آهي جڏهن اها شيءِ بي عيب هجي، صحيح سلامت هجي، عيب واري شيءِ کي ڪوبہ ناهي خريد ڪندو. جنّت اسان جي جان جي قيمت آهي، قيامت جي ڏينهن جڏهن اللہ پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضِري ٿيندي، ان وقت خُدانخواستہ جيڪڏهن اهو فرمايو ويو تہ توهان جي جان جنهن جي بدلي ۾ جنّت ملڻي هئي، اها جان ناڪاره آهي، هن ۾ هزارين

[1]…منهاج العابدين مترجم، صفحہ:394۔

عيب آهن، ان ڪري اهڙي جان جي بدلي ۾ جنّت نہ ملي سگهندي تہ ان وقت اسان جو ڇا ٿيندو...؟ اهو سوچي مان سڄي رات روئيندو رهيس.(1)

اللهُ اَڪبَر! اهو آهي: حَقَّ تُقٰتِهٖ يعني الله پاڪ کان ائين ڊڄڻ جيئن ان کان ڊڄڻ جو حق آهي. پاڻهو پنهنجي نيڪين تي نِگاهہ نہ ڪري، پنهنجي چڱائين تي نِگاهہ نہ ڪري، پنهنجي مقام ۽ مرتبي کي نہ ڏسي بلڪ الله پاڪ جي بي نيازي کي ڏسي ۽ ان کان ڊڄي، ائين ڊڄي جو دِل ۾ گهٻراهٽ پيدا ٿئي، اکين ۾ لڙڪ اچن ۽ پاڻهو پنهنجي رَبّ جي بارگاهہ ۾ ائين جهڪي وڃي جو وري ڪڏهن بہ نافرماني ڏانهن نہ وڃي، اهو آهي: الله پاڪ کان ائين ڊڄڻ جيئن ان کان ڊڄڻ جو حق آهي.

## مِثَالي مُعَاشَرِي جي لاءِ خوفِ خُدا پهريون شرط آهي

اي عاشقانِ رسول! اهو **خوفِ خُدا** يعني الله پاڪ جو اهڙو ڊپ، جهڙو ان کان ڊڄڻ جو حق آهي، اهو خوف جيڪڏهن اسان کي نصيب ٿي وڃي تہ يقين ڪيو! ❖ اسان جو مُعَاشرو واقعي مِثَالي مُعَاشرو بڻجي ويندو ❖ اسان جي سماج مان تمام برائيون ختم ٿي وينديون ❖ گُنَاهن جا اڏا وِيران ٿي ويندا ۽ سڄو مُعَاشرو دُنيا ۾ جنّت جي تصوير بڻجي ويندو. جيتوڻيڪ گُنَاهن جي جرمن جا ٻيا بہ ڪوڙ سبب آهن، انهن مان هڪ نهايت اَهم ۽ بنيادي سبب **خوفِ خُدا** جي ڪمي بہ آهي. ❖ شراب ڇو پيتو ويندو آهي؟ **خوفِ خُدا** جي گهٽتائي جي ڪري ❖ انسان بدڪاري ڏانهن ڇو وڌندو آهي، **خوفِ خُدا** جي گهٽتائي جي سبب ❖ وياج ڇو کائن ٿا، **خوفِ خُدا** جي گهٽتائي جي ڪري ❖ چوريون ڇو ٿينديون آهن؟ **خوفِ خُدا** جي گهٽتائي جي ڪري ❖ ڌاڙا ڇو لڳندا آهن؟ **خوفِ خُدا** جي گهٽتائي جي ڪري ❖ ناحق قتل ڇو ٿيندا آهن؟ **خوفِ خُدا** جي گهٽتائي جي ڪري ❖ جُوا جا اڏا ڇو هلن ٿا؟ **خوفِ خُدا** جي گهٽتائي جي ڪري ❖ ٻين کي ناحق تڪليف ڇو پهچائي ويندي آهي؟ **خوفِ خُدا** جي گهٽتائي جي ڪري ❖

1...انوارِ جمالِ مصطفےٰ، صفحہ:177، خلاصتاً۔

غيبت ڇو ٿيندي آهي؟ **خوفِ خُدا** جي ڪمي جي ڪري ❖ چغلي، ڪوڙ، وعدو خلافي، گار گند، اهو سڀ ڇو آهي؟ **خوفِ خُدا** جي گهٽتائي جي ڪري ❖ گهر گهر ۾ جنگ ڇو آهي؟ **خوفِ خُدا** جي گهٽتائي جي ڪري ❖ ماپ تور ۾ گهٽتائي ڇو ڪئي ويندي آهي؟ **خوفِ خُدا** جي گهٽتائي جي ڪري، غرض؛ گُناهن جون جيتريون ٻه وڌيون فهرستون بڻايون وڃن، انهن تمام گُناهن جي سببن ۾ جيڪا بنيادي شيء ملندي اها **خوفِ خُدا** جي گهٽتائي هوندي. لهٰذا جيڪڏهن اسان پنهنجي مُعَاشري کي مِثالي مُعَاشرو بڻائڻ چاهيون ٿا، جيڪڏهن مُعَاشَري مان گُنَاهن جو خاتمو ڪرڻو آهي ته ان جي لاءِ اسان سڀني کي پنهنجي اندر **خوفِ خُدا** پيدا ڪرڻو پوندو.

## خوفِ خُدا اِسلام جي بنيادي تعليم آهي

ٿورو غور ڪيو! اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دُنيا ۾ تشريف آڻڻ کان پهريان اهي ڪهڙيون بُرائيون هيون جيڪي عرب مُعَاشَري ۾ نه هونديون هيون؟ جاهليت واري زماني ۾ بدڪاري عام هئي، شراب عام جام هو، ڪوڙ عام هو، بي حيائي عام هئي، وياج عام هو، رشوت عام هئي بلڪ هن کان وڌيڪ ٻي بُرائي ڪهڙي هوندي جو دُنيا ۾ ڪفر و شِرڪ عام هو، ڪعبي شريف جي ويجهو به شِرڪ جا اسباب موجود هئا، جڏهن اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **رَحمَة لّلعَالَمِين** بڻجي دُنيا ۾ تشريف وٺي آيا، پاڻ اِعلانِ نبوت فرمايائون ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي اِعلانيه طَور تي اسلام جي دَعوَت ڏيڻ جي لاءِ جيڪو حڪم ڏنو ويو، اهو هي هو:

قُمْ فَاَنْذِرْ ۪ۙ﴿۲﴾ ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ ڊيڄار.

(پاره:29، سورۂ مدثر، آيت:2)

يعني اسلام جي اعلانيه تبليغ جو پهريون حڪم ئي **خوفِ خُدا** تي مشتمل هو، پوءِ اسان جي آقا، مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صَفَا نالي جبل تي بيهي جيڪا اسلام جي پهرين اعلانيه تبليغ ڪئي، ان ۾ به **رحمتِ عالم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

پڻ ماڻهن ڪي **خوفِ خُدا** ئي جو دَرس ڏنو.

پوءِ اسان جي نبي، سچي نبي، پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **اهو ئي خوفِ خُدا** ماڻهن جي دِلين ۾ پيدا ڪري جاهليت واري زماني جي بگڙيل مُعَاشَري کي اهڙو مِثَالي مُعَاشرو بڻايو جو اهڙي مُعَاشَري جو مِثَال دُنيا ۾ ڪٿي نٿو ملي، هي اهو مِثَالي مُعَاشرو هو جيڪو قيامت تائين ايندڙ تمام معاشرن جي لاءِ بهترين نمونو آهي. مَعلُوم ٿيو مُعَاشَري کي سُڌارڻ جي لاءِ، مُعَاشَري کي مِثَالِي مُعَاشرو بنائڻ جي لاءِ **خوفِ خُدا** اهم ترين بنياد آهي.

## مثالي مُعَاشَري جا ٻه اهم وصف

هتي اها ڳالهه به سمجهڻ ۽ غور ڪرڻ جي آهي ته **مثالي مُعَاشرو** ڇاکي چئبو آهي؟ هن حوالي سان تفصيلي گفتگو ٿي سگهي ٿي، وڏا ڪتاب لکي سگهجن ٿا، البت مختصر طَور هيئن چئي سگهجي ٿو ته هڪ مثالي مُعَاشَري جا 2 اهم بنياد آهن:

(1): ان مُعَاشَري جا فرد هڪ ٻئي جي حق تلفي نه ڪندا هجن، ڪو به فرد ٻين تي ظُلم نه ڪندو هجي (2): ۽ ان مُعَاشَري جو هر فرد ٻين سان خيرخواهي جو، ٻين جي ڀلائي جو جذبو رکندڙ هجي.

اهي ٻئي ڳالهيون جنهن مُعَاشَري ۾ هونديون، اهو مُعَاشرو اَمن ۽ سڪون وارو به هوندو ۽ اُن مُعَاشَري ۾ جرم به **بلڪل** نه هئڻ جي برابر ٿيندا. ۽ اهو (حق تلفي جو نه هئڻ، خير خواهي جو جذبو هئڻ) ٻئي ڳالهيون **خوفِ خُدا** جي ذريعي حاصِل ڪري سگهجن ٿيون، يعني جيڪڏهن ماڻهن جي دِلين ۾ **خوفِ خُدا** پيدا ٿي وڃي ته اِن شَآءَ اللہ الڪرِيم! ان جي برڪت سان حق تلفيون به ختم ٿي وينديون ۽ خير خواهي جو جذبو به پيدا ٿي ويندو. اچو! هن ڳالهه کي ٻن وَاقعن جي روشني ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا:

## خوفِ خُدا جي سبب بيهوش ٿي ويا

حضرت مِسعَر بن ڪِدَام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان روايت آهي، هڪ ڏينهن اسان امامِ اعظم سان گڏ ڪيڏانهن وڃي رهيا هئاسين تہ بي خياليءَ ۾ امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو مُبارَڪ پير هڪ ڇوڪري جي پَير تي اچي ويو، ڇوڪري اوچتو رَڙ ڪئي ۽ اُن جي واتان بي اختيار (اِهو جملو) نڪتو: يَا شَيۡخُ اَلَا تَخَافُ الۡقِصَاصَ يَوۡمَ الۡقِيَامَةِ يعني سائين! ڇا اوهان قِيامت جي ڏينهن ورتي ويندڙ انتِقامِ خُداوندي کان نٿا ڊڄو؟ اهو ٻڌي امامِ اعظم تي خوفِ خدا طاري ٿي ويو ۽ بيهوش ٿي زمين تي تشريف فرما ٿيا. (اشکوں کی برسات، صفحہ:17)

پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو ڪيو! امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو مبارڪ پير بي خياليءَ ۾ ان ڇوڪري جي پير تي آيو، ڄاڻي واڻي پاڻ ائين نہ ڪيائون، ان ڇوڪري جي واتان بہ بي خياليءَ ۾ جملو نڪتو پر ان جملي ۾ قيامت جي ڏينهن بارگاهِ اِلٰهي ۾ حاضِري جو ذِڪر هو، امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي جيئن بارگاهِ اِلٰهي ۾ حاضِري جو خيال آيو، ڪين ڏڪڻ وَني وئي ۽ بيهوش ٿي زمين تي اچي ويا. غور فرمايو! جيڪو ٻانهو ايترو الله پاڪ کان ڊڄندو هجي، ڇا هُو ڪنهن جي حق تلفي ڪندو؟ ڇا هُو ڪنهن کي گاريون ڏيندو؟ ڇا هو ڪنهن جي رقم ڦٻائيندو؟ ڇا هو ڪنهن کي ناحق ستائيندو؟ ڇا هو ٻين جي ننڊ خراب ڪندو؟ ڇا هو ٻين جي برائي ڪندو؟ هر گز نہ، بلڪ جيڪو **خوفِ خُدا** وارو هوندو اهو هر گهڙي ٻين جي حقن جو خيال رکندڙ هوندو. معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن اسان کي **خوفِ خُدا** جي نعمت نصيب ٿي وڃي تہ اِن شَآءَ الله الڪرِيم! مُعَاشَري مان جُرم ۽ حق تلفيون بلڪل ختم ٿي وينديون.

عطا ہو خوفِ خُدا خُدارا، دو الفتِ مصطفےٰ خُدارا کروں عمل سنتوں پہ ہر دَم امامِ اعظم ابوحنیفہ (1)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...وسائِلِ بخشش، صفحہ:573۔

## مفتيءِ اَعظَم هند رَحمَۃُ اللہِ عَلَيہ ۽ خير خواهي جو جذبو

هڪ ڀيري رَئِيسُ القلم، عَلاَّمہ ارشَدُ القادري صاحب رَحمَۃُ اللہِ عَلَيہ اعليٰ حضرت رَحمَۃُ اللہِ عَلَيہ جي شهزادي حُضُور مفتيءِ اعظم هند مولانا مصطفيٰ رضا خان رَحمَۃُ اللہِ عَلَيہ کي پنهنجي مدرسي مدرسہ فَيضُ العُلُوم ۾ اچڻ جي دعوت پيش ڪئي، حُضُور مفتيءِ اعظم رَحمَۃُ اللہِ عَلَيہ آيا، واپسي تي ريلوي اسٽيشن وڃڻ جي لاءِ حُضُور مفتيءِ اعظم هند رَحمَۃُ اللہِ عَلَيہ رڪشي ۾ وينا ئي هئا تہ اُتي هڪ شخص حاضِر ٿي عرض ڪيو: حُضُور! فلاڻي پريشاني ۾ مبتلا آهيان، تعويذ عطا فرمايو، علامہ ارشد القادري صاحب ان شخص کي فرمايو. گاڏيءَ جو ٽائيم ٿي چُڪو آهي ۽ توهان هاڻي تعويذ جي لاءِ پيا عرض ڪيو! حضور مفتيءِ اعظم هند رَحمَۃُ اللہِ عَلَيہ علاّمہ ارشد القادري صاحب کي روڪيو. عَلاَّمہ صاحب عرض ڪيو حضور! گاڏي نڪري ويندي، ان تي حضور مفتيءِ اعظم هند خوفِ خدا سان سرشار ٿي فرمايائون، " نڪري وڃڻ ڏي، ٻي ٽرين ۾ هليو ويندس، سياڻي قيامت جي ڏينهن جيڪڏهن خداوندِ ڪريم پُڇي ورتو تہ تو منهنجي فلاڻي ٻانهي جي پريشانيءَ ۾ مدد ڇو نہ ڪئي؟ تہ مان ڪهڙو جواب ڏيندس!" اهو فرمائي ڪري رڪشي مان سڀو سامان لاٿائون. (1)

خیالِ خاطرِ احباب چاہیئے ہر دَم انیسؔ ٹھیس نہ لگ جائے آبگینے کو

اي عاشقانِ رسول! غور ڪيو! حُضُور مفتيءِ اعظم هند رَحمَۃُ اللہِ عَلَيہ خوفِ خُدا وارا هئا، ڪين قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي بارگاھ ۾ پيشي جو خوف هو، پاڻ هڪ ڏُکايل مسلمان جي خير خواهي جي لاءِ گاڏي نڪري وڃڻ تہ پسند ڪيائون پر ان جي دِلجُوئي ڪرڻ بغير وڃڻ پسند نہ ڪيائون. هاڻي غور ڪيو! مسلمان ڀائرن جي خير خواهي جو اهو جذبو جيڪر اسان کي نصيب ٿئي تہ اسان جو مُعَاشرو ڪيترو حَسِين ۽ خوبصُورت ٿي ويندو، جهيڙو جهٽو ختم ٿي

[1]...فيضانِ سُنَّت، صفحہ:111ـ

ويندو، گارگند جو تَصَوُّر بہ باقي نہ رَهندو، حَسَد، ساڙ، بغض ۽ ڪينو وغيره اهي تمام باطني بيماريون مُعَاشَري مان ختم ٿي وينديون. ۽ اهو سڀ ڪيئن ٿيندو؟ **خوفِ خُدا** جي ذريعي.

معلوم ٿيو ڪنهن بہ مُعَاشَري کي مِثَالي مُعَاشرو بنائڻ جي لاءِ اَهم ۽ بنيادي شيون بہ آهن: حق تلفين کان بچڻ ۽ خير خواهي، اهي ٻئي شيون **خوفِ خُدا** جي ذريعي چڱي طرح حاصِل ٿينديون آهن، لهٰذا مُعَاشَري ۾ تبديلي آڻڻ جي لاءِ، مُعَاشَري کي مِثَالي مُعَاشرو بنائڻ جي لاءِ **خوفِ خُدا** اِنتهائي لازمي آهي. **الله** پاڪ اسان سڀني کي **خوفِ خُدا** جي نعمت نصيب فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

قلب میں خوفِ خُدا رکھ کر تُو سارے کام کر　　کامیابی ہو گی تیری اِنْ شَآءَ الله! ہر ڈگر[1]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مَقصَدِ حيات جي تڪميل جو ذريعو

پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! هڪ ٻي انداز سان **خوفِ خُدا** جي اهميت سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا. اسان الحمد لله! انسان آهيون ۽ الله پاڪ انسانن کي ڇا جي لاءِ پيدا ڪيو آهي؟ **الله** پاڪ فرمائي ٿو:

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَ الْاِنْسَ اِلَّا لِیَعْبُدُوْنِ ﴿۵۶﴾ (پاره:27، سورهٔ ذاريات، آيت:56)

ترجموڪنزالايمان: ۽ مان جن ۽ انسان فقط انهيءَ لاءِ پيدا ڪيا آهن جو منهنجي بندگي ڪن.

يعني انسان جي دُنيا ۾ اچڻ جو مقصد آهي: **الله** پاڪ جي عِبَادت ڪرڻ. اسان پنهنجي زِندگي جو اهو مقصد ڪيئن پُورو ڪري سگهون ٿا؟ اسان عبادت گذار ڪيئن ٿي سگهون ٿا؟ امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **مِنهاجُ العَابِدِين** ۾ هن حوالي سان

1...وسائِلِ بخشش، صفحہ:698۔

هڪ عنوان ڏنو آهي: عَقَبَۃُ البَوَاعِث يعني اهي شيون جيڪي عِبَادت ڪرڻ تي اُڀارين ٿيون، جن جي ذريعي عِبَادت جو شوق پيدا ٿئي ٿو ۽ ٻانهو استقامت سان پنهنجي زندگي جو مَقصَد پُورو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿو. هن عُنوان تحت امام غزالي رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه 2 شيون بيان ڪيون آهن: (1): **خوفِ خُدا** (2): اُمّيدِ رَحمت. امام غزالي رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: عِبَادت جي راهه تي هلڻ ان وقت تائين ممڪن نہ آهي جيستائين توهان پنهنجي اندر **خوفِ خُدا** ۽ اُمّيدِ رحمت جون صفتون پيدا نہ ڪيو. امام غزالي رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: نَفسِ اَمّاره بُرائي جو انتهائي شوقين آهي، هي ان وقت تائين گُنَاهن کان نہ مڙندو آهي جيستائين زبردست **خوفِ خُدا** نہ پيدا ڪيو وڃي، لهٰذا نَفسِ اَمّاره کي عبادت جي راهه تي هلائڻ جي لاءِ ضروري آهي تہ ان تي هر وقت **خوفِ خُدا** جو دُرّو مُسَلّط رکيو وڃي. پوءِ عِبَادت گذار بڻجڻ جي لاءِ **خوفِ خُدا** ان ڪري بہ ضروري آهي جو عِبَادت جي راهه ۾ خطرا ڪوڙ سارا آهن، مثال طور تڪبر آهي، خود پسندي آهي، ۽ ٻيون ڪوڙ شيون آهن، جيڪي عِبَادت کي تباهه ڪري ڇڏين ٿيون، انهن سيني کان بچڻ جو اهو ئي طريقو آهي تہ انسان پنهنجي اندر **خوفِ خُدا** پيدا ڪري، هر وقت الله پاڪ جي بي نيازي کان ڊڄندو رهي، پاڻ کي عذابِ قبر کان، جهنّم کان، بارگاهِ اِلٰهي ۾ حاضِري کان ڊيڄاريندو رهي، ان جي بغير ڪماحَقُّهٗ عِبَادت گذار بڻجڻ ممڪن نہ آهي.[1]

## خوفِ خُدا حاصِل ڪرڻ جا طريقا

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان **خوفِ خُدا** جي اهميت جي باري ۾ ٻڌو، **خوفِ خُدا** ئي اها بنيادي شيءِ آهي جنهن جي ذريعي اسان پنهنجي دُنيا ۾ اچڻ جي مقصد کي پُورو ڪري سگهون ٿا، **خوفِ خُدا** جي ذريعي ئي اسان گُنَاهن کان بچي سگهون ٿا، **خوفِ خُدا** ئي جي ذريعي اسان جو مُعَاشرو مِثَالي مُعَاشرو بڻجي سگهي ٿو. هاڻي سوال اهو آهي تہ اسان جي اندر **خوفِ خُدا** پيدا ڪيئن ٿيندو؟ ❖

[1]...منهاج العابدين، صفحہ:369-370 خلاصۃً۔

ان جي لاءِ قرآنِ ڪريم جي تِلاوت جو معمول بڻايو، خاص ڪري اهي آيتون جن ۾ الله پاڪ جي عذاب جو، جهنّم جو، قيامت جو ذِڪر آهي، اُنهن آيتن جو ترجمو ۽ تفسير پڙهي ذِهن ۾ ويهاري خوب توجهہ سان هرهر اُنهن آيتن جي تلاوت ڪجي ❖ احاديث ۾ **خوفِ خُدا** جو بيان آهي، اهڙيون حديثون پڙهجن ❖ **خوفِ خُدا** تي مشتمل ڪتابن جو مطالعو ڪجي ❖ **خوفِ خُدا** رکڻ وارن بزرگ سڳورن جي سيرت پڙهجي ❖ شيڊول ناهي روزانو يا گهٽ مان گهٽ هفتي ۾ هڪ ڀيرو قبرستان حاضِري ڏني وڃي، اتي فاتحہ شريف بہ پڙهي وڃي گڏوگڏ هن ڳالھ تي غور بہ ڪيو وڃي تہ جلد مون کي بہ قبر ۾ لهڻو آهي، ان وقت منهنجي بيوسي جو عالَم ڇا هوندو؟ پوءِ قبر جي مُعَاملن تي غور بہ ڪيو وڃي ❖ دِل ۾ **خوفِ خُدا** پيدا ڪرڻ ۽ وڌائڻ جي لاءِ هڪ ٻيو مدني گل جيڪو امام غزالي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي تعليمات مان حاصِل ٿيو آهي اهو هي آهي تہ **خوفِ خُدا** جي درجن جو لحاظ ڪيو وڃي، امام غزالي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ **منهاج العابدين** ۾ **خوفِ خُدا** کي خَطَرات (خيالات) ۾ شُمار ڪيو آهي يعني **خوفِ خُدا** دِل ۾ پيدا ٿيندڙ خيالن مان آهي، اهو **خوفِ خُدا** جو ابتدائي درجو آهي، مطلب هي آهي تہ شروع ۾ **خوفِ خُدا** صرف هڪ خيال جيان ٿيندو آهي، دِل ۾ آيو ۽ ختم ٿي ويو، ڪڏهن اوچتو قبر جو خيال اچي ويو، ڪڏهن قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي بارگاھ ۾ حاضِري جو خيال اچي ويو، ڪڏهن جهنّم جو خيال آيو، اهي خيال ڪجهہ سيڪنڊن جا هوندا آهن ۽ اهي خيال **خوفِ خُدا** جي باري ۾ پڙهڻ، **خوفِ خُدا** جي باري ۾ بيانات وغيره ٻڌڻ سان حاصل ٿيندا آهن، پوءِ جڏهن اهي خيال دِل ۾ اچڻ لڳن تہ پوءِ ضروري آهي تہ هنن خيالن کي دِل ۾ ويهاريو وڃي، مثال طور روزانو رات جو اڪيلائي ۾ ويهي قبر ۽ آخرت جو تصور ڪيو وڃي، بار بار قبرستان حاضِري ڏني وڃي ايئن بار بار **خوفِ خُدا** وارن خيالات جو تصور ڪرڻ سان اِن شَآءَ الله الڪرِيم! آهستہ آهستہ اهي خيالات دِل ۾ پڪا ٿي ويندا، پوءِ اهو ئي **خوفِ خُدا** محض خيال نہ بلڪ صِفَّت بڻجي ويندو، اِهو **خوفِ خُدا** جو اهو درجو آهي جنهن کي امام غزالي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ **اَحياءالعلوم** ۾ **مقامِ خوف** چيو آهي.

**خوفِ خُدا** بابت ۽ ٻين موضوعن تي ديني ڪتابن جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اداري مڪتبة المدينہ تي اچو، اتان نهايت قيمتي ڪتاب ۽ رسالا سستي اگهہ ۾ حاصل ڪري سگهجن ٿا. الحمد لله! دعوتِ اسلامي جي آئي، ٽي ڊپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپليڪيشن جاري ڪئي آهي: ***Islamic Ebook Library*** (اسلامِڪ اِيِ بُڪ لائبريري). هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي مڪتبة المدينہ تان شايع (***Publish***) ٿيندڙ ڪتاب مفت ڊاؤن لوڊ ڪري سگهجن ٿا، اها ايپليڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪريو، پاڻ بہ فائدو پرايو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

زمانے کا ڈر میرے دِل سے مٹا کر تُو کر خوف اپنا عطا یاالٰہی!

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم: هفتيوار اجتماع

**پيارا اسلامي ڀائرو!** عشقِ رسول جا جام پيئڻ ۽ دِل ۾ **خوفِ خُدا** وڌائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، دعوتِ اسلامي جي 12 ڊِيني ڪمن ۾ خوب وڌ کان وڌ حصو وٺو، ان جي برڪت سان اِن شَآءَ الله الڪرِيم! **خوفِ خُدا** ۽ عشقِ مصطفيٰ جي نعمت نصيب ٿيندي، نيڪيون ڪرڻ، گُناهن کان بچڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪر ڪرڻ جو ذهن بڻبو. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: هفتيوار اجتماع.

## مان روزانو ٻہ فلمون ڏسندو هيس

**جيڪب آباد** (سندھ، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: مان تمام گهڻو گناهن ۾ ڦاٿل هيس، عموماً روزانو ٻہ فلمون ڏسندو هيس، هڪ ڀيري مان پنهنجي هڪ دوست سان ملڻ جي لاءِ حيدر آباد (سندھ) ويس، اهو خميس جو ڏينهن هو، منهنجو دوست دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت جي لاءِ مون کي بہ گڏ وٺي ويو، اتي مون شيخِ طريقت، امير اهلسنت حضرت علّامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري دَامَت بَرَکَاتُہُمُ العَالِيہ جو بيان ٻڌو

تہ منهنجي زندگي ۾ انقلاب برپا ٿي ويو، مون **خوفِ خُدا** وچان روئي روئي گُناهن کان توبہ ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويس .

اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کر دیا دیکھو    اندھیرا ہی اندھیرا تھا، اُجالا کر دیا دیکھو

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. هڪ ڏينهن تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو:** مَنْ تَمَسَّكَ بِسُنَّتِيْ عِنْدَ فَسَادِ اُمَّتِيْ فَلَهُ اَجْرُ مِائَةَ شَهِيْدٍ **يعني اُمت جي فساد جي وقت جيڪو شخص منهنجي سنت تي مضبوطي سان عمل ڪندو ان کي سؤ شهيدن جو ثواب عطا ڪيو ويندو.**[1]

ہر کام شریعت کے مطابق میں کروں کاش!    یارب تو مبلغ مجھے سُنّت کا بنا دے[2]

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڏاڙهي رکڻ سُنّتِ مصطفيٰ آهي

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ**: مُڇيون ڪترايو ڏاڙهيون وڌايو مجوسين جي مخالفت ڪيو!**[3]

**پيارا اسلامي ڀائرو! ڏاڙهي رکڻ سُنّتِ مصطفيٰ بلڪ سُنّتِ انبياء آهي ❖ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي ڏاڙهي مبارڪ هميشہ هڪ مُٺي جي مقدار رهندي هئي ❖ جيڪڏهن هڪ مُٺي جي مقدار کان وڌي ويندي هئي تہ گهٽ ڪرائيندا هئا ❖ رسول ڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي ڏاڙهي**

---

1...زُہد کبیر، صفحہ:118، حدیث207۔

2...وسائل بخشش، صفحہ:115۔

3...مسلم، کتابُ الطہارت، باب:خِصَالُ الْفِطْرَة، صفحہ:153، حدیث:257۔

مبارڪ ويڪر ۾ اهڙي هئي جو سيني مُبَارڪ کي ڀري ڇڏيندي هئي.[1]
❖ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڏاڙهي ڪترائڻ ۽ مڇيون وڌائڻ کي سخت ناپسند ڪندا هئا ❖ بهارِ شريعت ۾ آهي: ڏاڙهي ڪترائڻ يا هڪ مُٺي کان گهٽ ڪرڻ حرام آهي.[2]

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1…انوارِ جمالِ مصطفےٰ، صفحہ:157 خلاصۃً۔
2…بہارِ شریعت، حصہ:16، جلد:2، صفحہ:586۔

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري
## اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا)

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65)

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البديع، الباب الثانی، ص277)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (القول البديع، الباب الاول، ص125)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١))

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

**حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا **ڪان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.** ( مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،254/10،حدیث:17305)

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، **الله** عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا ڪي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر ڪي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حدیث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد